مان پنهنجن فوٽن سان پوز ڪيل نمائش جون تصويرون انڪري موڪليون آهن جو ماڻهو منهنجون آئيڊياز چوري ٿا ڪن مونکان سنڌ جا ڪپڙا ۽ ثقافت جا ٻيا سمان وٺي منهنجي پورهئي ۽ مدد جو ذڪر ئي پيا ڪن.منهنجي ڪتاب تي آڌارت ڏٽن وارن تي پروگرام تيار ڪيو منهنجو نالو ئي ائڪناليج نه ڪيو .ان طرح منهنجي پيپر مان ٽڪڙا چورائي شامل ڪيا ويا. مارئي فنڪشن تي اچي ڪائي پيئي ڪٿي به مارئي جي پورهئي جو ذڪر نه ڪيو ويو يا ائين ڏيڪاريو ويو ته انهن جي ذهن مان اها ڳالهه نڪري وئي.خير هتي مان ان جو وڌيڪ ذڪر نه ڪندس .ٽئگور جيان ايڪلا چلو چاڪلا چلو – پر ڏٺي ڪنهن کي چڎيندو نه آ ڪا نه نه ڪا واٽ کوليندو آهي.خدا جا ڪيترا اهڙا نيڪ بندا آهن جن منهنجي پورهئي جو قدر ڪيو ـ امڙ چوندي هئي بندن کان نه گهر ڏٽي کان گهرندي ڪر جيڪو ڏيئي نه پڇارين ۽ اهو بندن جي من ۾ اچي وهندو اهي تنهنجي مدد ضرور ڪندا ـ جيئن توهان جي اندر مان به ويب سائيٽ ٺاهڻ جو آواز نڪتو. ان طرح مون سان ڪئي واقعا ٿيا آهن .اوچتا الهام ٿيندا آهن .نئون نياپي – چئنل جو به اوچتو من ۾ خيال آيو .اميد آهي ته علم ادب سان محبت ڪندڙ ان ۾ ساٿ ۽ سهڪار ڪندا.

ڊاڪٽر رام ٻخشاڻي ريڊيو تي آيا هئا انهن منهنجو ڪم ڏسي بنا چوڻ جي اوارڊ ڏنو ـ داد مورج مل منگهناڻي مارئي ڪي سپورٽ ڪندا هئا ـ ساڳي طرح لال هرداساڻي مارئي ۽ منهنجي ادبي پورهئي کي هميشه ساراهيو آهي. داد مورج مل جي پٽ چندر منگهناڻي ممبئي ۾ پريه درشني اوارڊ جي وقت چيو وينا ماڻهو ڪافي چوائيندا آهن پر تو طرفان ڪڏهن به ڪون چيو ويو، اسان پاڻ محسوس ڪيو ته تون ٻزرو ڪرين ٿي ـ مون ڪين چيو پي.آر.آو .شپ جي معاملي مان پنهتي آهيان چندر منگهناني جا ٿهڪ نڪري ويا. اهڙا گهٽا ئي خدا جا بندا آهن جن کي منهنجي پورهئي جو احساس آهي. ڪم ڪرڻ جي سگهه انهن جي دعائن ڪري ملي ٿي.

ساٿ سلامت ! وينا شرنگي

هي ڪوچين ۾ مستي مارينڊي ٽائيٽنڪ فلم جو پئي پوز ٺاهيو ته پاءُ تصوير ڪڍي ورتي




Shrine of Uderolal







